"سيماء تون منهنجي ڌي آهين. منهنجي حڪم کان مٿي ڪجهه بہ ناهي"
عابد آهستي پوئتي هٽي ويو.
هن محسوس ڪيو تہ هن جي محبت هاڻي آزمائش کان بہ اڳتي نڪري وئي آهي.
رات وڏيڪ اونداهي ٿي وئي.
ڪارونجهر جي هوائن ۾ سسڪيون هيون.
۽ سيما پنهنجي ڪمري ۾ ويهي سوچيندي رهي
ڇا محبت تقدير کي بدلائي سگهي ٿي، يا هوءَ پنهنجي پيءُ جي مرضي آڏو قربان ٿي ويندي
وڏيره چيو
ٻڌ سيما اسان صبح جو واپس ڪراچي وڃي رهيا آهيون .
سيما : ڪراچي واپس..
وڏيرو : ها بلڪل هتي هاڻي وڌيڪ نٿو رهي سگهان ۽ نہ ئي تو کي رهڻ جي اجازت آ تون هتي اچي ڪري وڏيرن جي شان کي مٽي ۾ ملايو آ.
سيما : پر بابا مان عابد کانسواء مري ويندس ان بغير رهي نہ سگهندس...
وڏيرو : چري ڇوڪري .

چا آهي هن وٽ هو تہ ڪي چا تہ ڏئي سگهي هنن چپرن جهڙي گهر ۾ ۽ تون وڏيري سليم جي امانت آهين مان ان جي ماء سان واعدو ڪري چڪو آهيان.
۽ ڪراچي هلندي جلد ئي تنهنجي شادي ڪرائي ويندي..
صبح جو ....
وڏيرو ۽ سيما سڀ ڪراچي لاء روانا ٿي ٿا وڃن .
۽ هڏانهن عابد کي حويلي جي نوڪر اچي ٻڌايو تہ هو سڀ ڪراچي ٿا وڃن .
عابد ڪارونجر جي پٽرن واري رستي ڪان ڀڄندي گاڏي جي پويان ڀڄندي ڪنهن پٿر سان وڃي پير نڪرائجي ٿو ۽ ڪار تمام اڳتي نڪري نظر ڪان غائيب ٿي وڃي ٿي...
عابد رستي ڪان هيٺ ڪامي ۾ ڪرڻ سان ئي ڪا چنيدار شي ڇاتي کي چيري ٿو مٿي ۾ ڌڪ لڳي ٿو پر قدرتن صرف ڪل ڪنجي ٿو باقي اندوروني نقصان ڪان بچي ٿو وڃي.
۽ بيهوش ٿي وڃي ٿو.
محسن ۽ محسن جي پي عابد کي پنهنجي گهر آڻي ڊاڪٽر ڪان علاج ٿا ڪرائن...
۽ڪجھ ئي ڪلاڪن ۾ عابد هوش۾ اچي ٿو ۽ سيما ڪري اٿي ٿو پوي..

محسن : عابد آرام ڪيو توهان زخمي آهيو .
عابد ڪنهنجي زخمن کي ڏسي ڪري پنهنجي چيريل چاتي کي ڏسي ٿو ۽ ڪجھ رات گذرڻ کان پوء مٿي جو پٽي کولي ٿوۓ مٿي مان رت جا ٽيپا وهڻ لڳن ٿا...
عابد پنهنجي محبوبہ کي خط لکي ٿو .
عابد آهستي سان قلم کنيو...
.پر پوءِ قلم کي پاسي تي رکي ڇڏيو
هي لفظ مس سان نہ لکبا...""""
.هن پاڻ سان سرگوشي ڪئي
عابد جي اکين ۾ سيما جو چهرو تري آيوسادي مرڪ، نرمل نگاهون، ۽ اهي اکيون جن ۾ هن پنهنجي سڄي زندگي ڏٺي هئي.
.پر انهن اکين جي وچ ۾ هاڻي جدائي جي ديوار بيٺي هئي
هن پنهنجي مٿي تي هلڪو زور ڏنو.
۽ رت جي ڳاڙهي بوند آهستي سان نڪتي.
.ڪاغذ تي پهرين بوند ڪري پئيۓ خط لکڻ شروع ٿيو
هر اکر سان رت جي بوند ملندي رهي.
.لفظ نهندا رهيا، پر هر لفظ ۾ ساه جو حصو گهٽبو رهيو
خط

سلام
سيما! رات جڏهن سڀ ستا هوندا آهن، تڏهن منهنجو دل جاڳندو آهي.
تنهنجي ياد جو ٿاندو منهنجي سيني ۾ ٻرندو رهي ٿو.
مان پاڻ کان پڇان ٿو:
آخر منهنجو ڏوهه ڇا آهي...
ڇا اهو ته مون توسان سچو پيار ڪيو..
ڇا اهو ته مون تنهنجي اکين ۾ پنهنجي جنت ڏٺي..
تون منهنجي محبت آهين، پر قسمت مون کان تنهنجو نالو به ڇڄي "
رهي آهي.
مان هر رات تنهنجي ياد ۾ ٽٽندو آهيان.
منهنجي ڪل ۾ به تنهنجي جدائيءَ جي رڙ سمايل آهي.
مان جيئرو آهيان، پر تنهنجي بغير منهنجو وجود خالي آهي."
رت ڪاغذ تي پکڙجڻ لڳو.
ڪجهه لفظ ڏنڌلا ٿي ويا، جيئن سندس نظرون.
عابد جي دل ۾ بغاوت هئي.
جيڪڏهن دنيا اسان کي جدا ڪري ٿي، ته مان دنيا سان وڙهندس. "
جيڪڏهن رسمون ريتون رستو روڪين ٿيون، ته مان انهن کي لتاڙي
ڇڏيندس.

پيار جو خط

”چو تہ سيماء تون منهنجي خواهش نہ منهنجو ايمان آهين.
هوا جي هلڪي جهونڪ ڪاغذ کي لوڏيو.
رت جي هڪ بوند لفظ ”محبت“ تي ڪري پئي،
۽ اهو لفظ وڏيڪ ڳاڙهو ٿي ويو
جهڙو سندس درد.
عابد جي اکين مان ڳوڙها بہ ڪري پيا.
رت ۽ ڳوڙها گڏ ٿي ويا.
ڪاغذ تي عجيب منظر بڻجي ويو محبت ۽ درد جو سنگم.
جيڪڏهن تون مون کي پنهنجو ڪري وٺين، تہ مان پنهنجي هر زخمي “ گهڙي وساري ڇڏيندس.
جيڪڏهن تون پري ٿي وئين، تہ ياد رکجانءِ عابد جي رڳن ۾ وهندڙ رت آخري ساهہ تائين تنهنجي نالي جو ذڪر ڪندو.”
تون ڄاڻين ٿي.....
جڏهن تون پري ٿي وڃين ٿي، تڏهن منهنجو ساهہ اڌورو ٿي وڃي ٿو منهنجو وجود خالي گهر بڻجي وڃي ٿو، جنهن ۾ فقط تنهنجي قدمن جي آوازن جي گونج رهجي وڃي ٿي.
مان ڪلان ٿو، پر منهنجي ڪل ۾ رڙ لڪيل هوندي آهي.
مان جيئان ٿو، پر منهنجي جيئڻ ۾ موت جو احساس هوندو آهي.

سيما
جيڪڏهن دنيا اسان جي وچ ۾ ديوار بڻجي بيهي، تہ مان پنهنجي رت سان اها ديوار رنگي ڇڏيندس.
جيڪڏهن قسمت اسان کي جدا ڪرڻ چاهي، تہ مان قسمت سان بہ وڙهندس.
چو تہ تون منهنجي خواهش نہ آهين
تون منهنجو ايمان آهين.
هي خط مان پنهنجي زخمن مان نڪرندڙ رت سان لکي رهيو آهيان، تہ جيئن توکي خبر پوي تہ منهنجي محبت رڳو لفظ نہ آهي.
منهنجو هر درد تنهنجي نالي تي آهي.
منهنجي هر دعا تنهنجي نالي تي آهي.
منهنجي هر ساهہ تنهنجي نالي تي آهي.
منهنجي پياري سيما مان سمجهان ٿو تہ تون مجبور آهين پنهنجي پي جي اڳيان پر پياري مان توکي اهو ٿو چوان تہ مان صرف ئي صرف تنهنجو آهيان ۽ مان جلد ئي ڪراچي جي طرف روانو ٿي ايندس ۽ تون پريشان نہ ٿيجان ؟
منهنجي توسان سچي محبت آهي..

پيار جو خط

۽ مان ڪڏهن بہ توکي وسارڻ تہ ڇا پر توکي وسارڻ جي اجازت بہ نہ ڏيندس ...
سيما مون کي تنهنجي پيار جي خط جي جواب جو انتظار رهندو.
عابد ڪمزور ٿي ڪرسيءَ سان ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو. سندس نظر ڪاغذ تي هئي، جنهن تي سيما جو نالو سڀ کان وڌيڪ ڳاڙهو نظر اچي رهيو هو.
تنهنجو عابد ....

.....Gulshan iqbal ڪراچي گلشن اقبال
خط پهچي ٿو ۽ خط وڏيري جي هٿ ۾ اچي ٿو وڏيرو خط پڙهي ڪري خط کي ويڙهي پنهنجي ٽيبل جي دراز ۾ رکي ٿو ڇڏي.
هر روز خط اچڻ شروع ٿي وڃن ٿا ۽ اهي سڀ خط سيما وٽ پهچڻ بجاء سيما جي پيءُ يعني وڏيري کي ملن ٿا.
عابد هر روز ٽپالي کان خط جو پڇي ٿو ۽ ٽپالي هن کي خط جو انڪار ڪري ٿو.

ڪراچي ۾ سيما صنم ڪي چوندي آ صنم عابد جو ڪو خط آيو ئي ناهي مان تہ هتي قيد ۾ آهيان منهنجي مٿان تہ پابنديون آهن پر عابد تي تہ ڪا پابندي ناهي.

لاء روانو ٿئي ٿو.Gulshan iqbal ۽ ٻئي ڏينهن عابد ڪراچي گلشن اقبال

تي پهچي ڪري بانسري وڄائڻ (Nipa Chowrangi)عابد نيپا چورنگي لڳي ٿو ۽ سيما ڪي نيپا چورنگي چوڪ تي ويهي ڪري سڏ ڪري ٿو.
۽ بانسري وڄائيندي وڄائندي پراڻين حويلين طرفان هلندي هلندي هڪ گهر جي اڳيان گذرڻ مهل اچانڪ بانسري جو سر سيما جي ڪنن تي پهچي ٿو.
.گهٽي ۾ وڻن جي ڇانوَ هيٺ وڏو اڇو بنگلو هو
گيٽ تي نالو لڪيل هو .
ٻاهر هڪ سيڪيورٽي گارڊ ۽ اندر سائي لان ۾ پاڻي هارڻ وارو مالي ڪم ۾ مصروف هو
.سيما مٿي بالڪونيءَ ۾ ويٺي هئي
سج جي روشني سندس چهري تي لڳي رهي هئي.
.اکين ۾ بيچيني صاف نظر اچي رهي هئي

پيار جو خط

هن عابد کي هيٺ گھٽي ۾ ڏٺو ۽ رڙ ڪري سڏ ڪيائين.
!عابد! عابد
عابد مٿي آسمان ۾ ڏٺو
دل تي هٿ رکي بيهي رهي ٿي.
۽ پڄندي اچي پاڪر ۾ پريس ٿي
سيما جڏهن عابد جي ويجهو آئي.
تہ هن جا هٿ هلڪي پڄڻ سان اڳتي وڌيا.
.عابد بنا ڪجھ چوڻ جي هن کي پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو
اهو پاڪر رڳو خوشيءَ جو نہ هو، پر اُن ۾ جدائيءَ جو درد، انتظار جو
.سوز ۽ بيهر ڏار نہ ٿيڻ جي بيچيني بہ سمايل هئي
سيما جو چهرو عابد جي ڇاتيءَ تي هو، ۽ سندس ساهہ ڳوڙهن سان گڏي
رهيو هو. عابد جي هٿن جي گرفت ٿوري مضبوط ٿي وئي، ڄڻ هو وقت
کي چئي رهيو هجي تہ ”هاڻ اسان کي ڪوبہ ڏار نہ ڪري سگھندو.“ ٻنهي
جون دليون هڪ جهڙيون هڪ رفتار سان ڌڙڪن پيون جوشيلو، درد
.پريو، پر سڪون ڏيندڙ لمحو
اهو پاڪر صرف ٻن جسمن جو نہ، پر ٻن روحن جو ميل هو: جدائيءَ جي
زخمن تي مرهم، ۽ محبت جي نئين سر جنم وٺڻ جو اعلان هجي.
:هوءَ سُڪون لاءِ ساهہ کڻندي چيائين

عابدﺀ مون کي وٺي هل“
هنن ديوارن ۾ منهنجو ساهه قيد ٿو ٿي وڃي.
عابد هن کي ڀاڪر ۾ مضبوط ڪيو:
سيماﺀ تنهنجي بغير منهنجي دنيا خالي آهي.“
مان توکي اڪيلو نه ڇڏيندس.
اوچتو گيٽ جي ٻاهران گاڏي جي بريڪ لڳڻ جو تيز آواز ٿيو.
حويلي جو دروازو زور سان کليو.
وڏيرو اندر داخل ٿيو. هن ٻنهي کي ڀاڪرن ۾ ڏسي وڏيري جو چهرو
ٽپي لال ٿي ويو جيئن لوهه باهه ۾لال ٿيندو آ. اکين ۾ ڪاوڙ
هن ٻنهي کي ڀاڪر ۾ ڏٺو
۽ ڄڻ وقت بيهي ويو هجي.
هن سيما کي رڙ ڪئي.
سيمااا!“ هن جي للڪار سڄي لان ۾ گونجي“.
گارڊ سڀ ڊوڙي آيا.
وڏيري غصي ۾ حڪم ڏنو:
هن ڇوڪري کي اندر وٺي وڃو“
۽ هن ڇوڪري کي سبق سيکاريو!
سيما رڙ ڪندي عابد ڏانهن وڌي:

بابا نہ! هن جو ڪو ڏوهہ ناهي“
!مان پاڻ هن سان پيار ڪيان ٿي
.پر گارڊن عابد کي پڪڙي ورتو
.هڪ زور دار ڏک سندس چهري تي لڳو
.۽ هو زمين تي ڪري پيو، پر اکين ۾ اجا سيما جو چهرو هو
:عابد زخمي آواز ۾ چيو
”...سيما... تون روء نہ... منهنجو درد تہ تنهنجي جدائي آهي“
:سيما چڙواڳ تي روئندي چيائين
...عابد! مون کي ڇڏي نہ وڃ“
”منهنجي قسمت مون ڪان سڀ ڪجهہ ڇو کسي ٿي
:وڏيري سخت لهجي ۾ چيو
اج کان پوءِ جيڪڏهن هن ڇوڪري جو نالو بہ ورتئي تہ تنهنجي لاءِ هي “
!شهر تنگ ٿي ويندو
گارڊن عابد کي مار ڪٽ ڏئي رت سان ڳاڙهو لال ڪري گيٽ کان ٻاهر
ڌڪو ڏئي اچلائي ڇڏيو.

.

.سج اجا مٿان هو، پر ٻنهي جي دنيا ۾ اونده ڇانئجي وئي هئي
:سيما بالڪونيءَ مان رڙ ڪندي چيائين

عابد! مان تنهنجي آهيان“
”!چاهي دنيا مون کي قيد ڪري
عابد زخمي حالت ۾ گهٽي ۾ بيهي، مٺي ڏسي آهستي چيو:
سيما... منهنجو جسم زخمي آهي، پر منهنجو پيار اجا زنده آهي“
جي شور ۾ به، ٻن دلين جي جدائيءَ جو درد وڌيڪ تيز Nipa Chowrangi ۾
هو
رات جا ٻارنهن وڳا هئا.
Gulshan-e-Iqbal
جون گهٽيون اڏ اونده ۾ ويڙهيل هيون
اتي ڪجهه بتيون هيون ...
Nipa Chowrangi ۾ نيپا چورنگي
۾ بتيون

اجا به ٽمٽمايون پئي،
پر هن گهٽي ۾ خاموشي ڳري هئي.
عابد زخمن جا نشان ڪٽي به حويلي جي ٻاهر بيٺو هو.
هن آهستي آواز ڏنو:
سيما... سيما... مان آيو آهيان“.

...اچ، هلون هتان
”هي ديوارون تنهنجي قسمت نہ آهن.
بالڪونيءَ ۾ هلڪي چر پر ٿي.
سيما پردو هٽائي هيٺ نهاريو.
سندس آواز ڪنڌ ۾ اٽڪيل هو:
عابد... تون وري ڇو آيو آهين..“
بابا توکي نہ ڇڏيندو
عابد اکين ۾ آخري اميد پري ڇيو:
ڇڏي ڏيان تہ پوءِ زنده ڪيئن رهندس..“
”اچ سيما، اج رات فيصلي جي رات آهي.
...سيما هيٺ لهڻ لاءِ دروازو کولڻ لڳي
تہ اوچتو حويلي جو وڏو دروازو کليو.
وڏيرو آهستي قدم کڻندو ٻاهر آيو. چهري تي ٿڌو پر خطرناڪ سکون.
عابد...“ هن ڳرو آواز ڪڍيو، “
مون توکي هڪ پيرو ڇڏي ڏنو هو. سمجهيم تہ جواني جو جوش آهي. “
”پر تون وري منهنجي عزت کي للڪارڻ آيو آهين..
عابد همت سان وراڻيو:
”مان عزت کٽڻ نہ آيو آهيان، مان پنهنجي محبت وٺڻ آيو آهيان“

پيار جو خط

وڏيري جي اکين ۾ چمڪ آئي:
هاڻي ڳالهه منهنجي هٿن مان نڪري وئي آهي.“
اڄ مان توکي پوليس جي حوالي ڪندس
”پوءِ ڏسنداسين تنهنجي محبت ڪيتري بهادر آهي .
سيما ڊوڙي ٻاهر آئي، روئندي چيائين:
بابا! خدا ڪي مڄ هن جو ڪو ڏوهه ناهي.“
”مان پاڻ وڃڻ چاهيان ٿي!
وڏيرو سخت لهجي ۾ چيو:
چپ! تون منهنجي ڌيءَ آهين“.
تنهنجي قسمت جو فيصلو مان ڪندس

رات جي اونداهي ۾ جڏهن پوليس جي گاڏي
Gulshan-e-Iqbal
جي گهٽي مان نڪري وئي.
تڏهن سيما جي دنيا به ان گاڏي سان گڏ هلي وئي.
عابد کي هڪ ٿڌي اونداهي حوالات ۾ بند ڪيو ويو.
لوهي سيخن پنيان ويهي هن آسمان ڏانهن نهاريو.
اکين ۾ ڳوڙها نه هئا

پيار جو خط

چو تہ ڳوڙها بہ شايد ٿڪجي ويا هئا.
هو آهستي پتين سان ٽيڪ ڏئي وينو ۽ سرگوشي ڪيائين:
اي خدا“
جيڪڏهن محبت گناهہ آهي.
تہ مون کي هر سزا قبول آهي.
پر سيما کي منهنجي جدائي نہ ڏي
جيل جي سناٽي ۾ سندس آواز پتين سان ٽڪرائي واپس آيو
حويلي جي مٿئين ڪمري ۾ سيما قيد هئي.
دروازو ٻاهران بند.
دريءَ کان پري شهر جون بتيون چمڪن پيون
پر سندس دل ۾ اوندهہ هئي.
سيما ٿرٿرائيندڙ هٿن سان ڪاغذ کنيو.
قلم هلائڻ کان اڳ ڳوڙها صفحي تي ڪري پيا.
”...عابد“
سيما لکيو:
اڄ منهنجي ڪمري جون ديوارون مون تي کلن ٿيون“.
تون لوهي سيخن پٺيان قيد آهين ۽ مان پنهنجي پيءُ جي انا پٺيان قيد.

فرق فقط ايترو آهي تہ تنهنجي قيد نظر اچي ٿي، منهنجي قيد لڪل آهي”

سيما قلم روڪي،

ساهہ ڪنيو،

پوءِ ٻيهر لکيو:

جڏهن توکي وٺي ويا، منهنجو ساهہ بہ جڻ گڏ ڪٽي ويا“.

مان هر رات تنهنجو نالو وٺي روئندي آهيان.

بابا وارا چون ٿا تون ڏوهاري آهين

پر جيڪڏهن محبت ڏوهہ آهي تہ سڀ کان وڏي ڏوهارڻ مان آهيان”.

هن خط کي چمي ڏني.

سندس ڳوڙها مس سان ملي ويا ۽ لفظ ڌندلا ڪري ڇڏيا.

عابد کي ڪنهن سپاهي ٻڌايو:

”تنهنجي لاءِ ڪو خط آيو آهي“.

هن ڪاغذ هٿ ۾ ورتو تہ هٿ ڏڪڻ لڳا.

سيما جي لکيل لفظن کي ڏسي سندس دل پيجي پئي

.

عابد پڙهندو رهيو

هر لفظ ڄڻ زخمن تي لوڻ هو، پر ساڳئي وقت مرهم بہ.

پيار جو خط

عابد آهستي چيو:
سيما... تون روء نہ“.
تنهنجي هر ڳوڙهي جو حساب منهنجو رب وٺندو.
”مان ٿني سگهان ٿو، پر تنهنجي نالي تان هٿ نہ کڻندس.
پوءِ پٽ سان ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو.
..اکين مان ڳوڙها خاموشي سان وهي رهيا هئا
سيما دريءَ وٽ بيهي آسمان ڏانهن ڏٺو.
ساڳيو چنڊ جيڪو جيل جي ننڍڙي روشندان مان عابد بہ ڏسي رهيو هو.
بئي الڳ هئا
پر سندن درد گڏ هو.
۽ رات جي ان خاموشيءَ ۾،
جيل جي ٿڌي فرش تي ويٺل عابد اجا سيما جو خط هٿ ۾ جهليو ويٺو هو.
وڏيرو اسلم وڏيري سليم جي ماء سان..
وڏيري سليم جي گهر سيما جي رشتي جي باري ۾ ڳالهائي آيو...
وڏيري جي وڃڻ کان پوء .
سليم پنهنجي گهر آيو.

سليم جي ماء پٽ ھي ڏس ڦوٽو ڇوڪري جو مان تو لاء پسند ڪئي آھي ۽ ايندڙ ٻن ڏينھن جي اندر تنھنجي شادي آ.
سليم : او امان مون کي ھاڻي شادي ناھي ڪرڻي
وڏيري: پر ڦوٽو تہ ڏس ڇوڪري جي متان پسند اچي وڃي.
سليم : ڦوٽو ھٿ ۾ کڻي ڦاڙي اڇرائي ٿو.
۽ چئي ٿو تہ پنھنجي پسند سان ۽ جيڪو منھنجي دل کي وڻي . ائين چوي ٿو ۽ اچانڪ نظر ڦاٽل تصوير ۾ پوي ٿو ۽ ان ڇوڪري جي ڦاٽل تصوير ۾ چھرو ڏسي ٿو.

سليم جي ماء پٽ پر ھاڻي ھن جي پيء کي جواب ڪيئن ڏيندس ۽ کھڙو منھن کڻي ويندس.

سليم: امان رشتيداري جي منھن کڻي وڃ جان
وڏيري سچ ۾.

سليم ھا امان مون کي ڇوڪري ڏاڍي پسند آئي آھي..
.اوچتو حوالات جو دروازو کڙڪيو
:سپاھي بي رخي سان چيو

پيار جو خط

”ٻاهر اچ... توسان کو ملڻ آيو آهي“.
عابد جو دل ڌڙڪڻ لڳو.
ڇا سيما آئي هوندي
پر ٻاهر هڪ پاڙي وارو پراڻو واقفڪار بيٺو هو.
هن نظرون جهڪائي آهستي چيو:
عابد... حويلي ۾ سيما جي شادي طئي ٿي وئي آهي. وڏيرو هن کي “
پنهنجي دوست جي پٽ سان پرڻائڻ وارو آهي.
”ايندڙ هفتي نڪاح آهي.
لفظ ختم ٿيا، پر ان سان گڏ عابد جي دنيا به ختم ٿي وئي.
هن پنهنجي جهلي پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي.
ساهه ڳرو ٿي ويو.
آواز نڪري نه سگهيو.
ڪجهه گهڙين کان پوءِ عابد ٽٽل لهجي ۾ چيو:
نه... سيما مون کان سواءِ ڪنهن جي به نه ٿي سگهنديءَ“
عابد واعدو ڪيو هو
پاڙي واري جون اکيون پرجي ويون:
واعدا طاقت وارن جي فيصلي آڏو ڪمزور ٿي وڃن ٿا“
عابد

پيار جو خط

محبت لوهي سيخن ۽ اوچي ديوارن کان بہ وڌيڪ مضبوط ٿي وئي
حويلي ۾ سيما جي هٿن تي زبردستي مهندي لڳائي پئي وئي.
عورتون کلن پئيون ۽ شادي جا گيت ڳائي رهيون هيون.
پر سيما جي دل ماتم ڪري رهي هئي.
هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلي ٿي تہ آئيني اڳيان بيهي رهي.
هٿن تي لکيل نالو ڏسي ساهہ رُڪجي ويو.
اهي هٿ تہ عابد جي نالي لاءِ هئا“
هوءَ سڏ ڪندي روئي پئي.
وڏيرو ڪمري ۾ داخل ٿيو.
سخت آواز ۾ چيائين:
”هي شادي تنهنجي ڀلائي لاءِ آهي. محبت ٻارن جا خواب هوندا آهن.“
سيما ڳوڙهن سان ڀريل اکين سان وراڻيو:
بابا... جيڪڏهن هي ڀلائي آهي تہ پوءِ منهنجي دل ڇو مري رهي آهي“
جيڪڏهن عزت هي آهي تہ پوءِ منهنجي ساهہ ۾ ٻاهہ ڇو آهي
وڏيرو چهرو ڦيرائي.
جيڪڏهن تون شادي جو هي جوڙو نہ پائيندينء ۽ شادي ڪرڻ کان انڪار
ڪندينء تہ پوء هو جيڪو جيل ۾ ڪجھ وقت جيئرو آهي.
پر هاڻي هن کي موت جي ڀاڪر ۾ سمهاريندس .

پيار جو خط

وڏيرو پنھنجي نوڪرن ڪي آواز ڏئي ڪري چئي ٿو وڃو ۽ وڃي ھن ڪي جيل ۾ گوليون ھڻي ماري اچو..

سيما : روئيندي ٻانھون ٻڌندي رھي. نہ بابا توھان ائين ڪجھ نہ ڪندؤ. مان سڀ ڪجھ ڪرڻ لاءِ تيار آھيان .

وڏيرو: ٺيڪ آ جلدي ڪپڙا پائي تيار ٿي جج اچڻ وارو آھي.
ائين چئي ڪري ڪمري کان نڪري ٿو وڃي..
شايد ھن جي اندر بہ ڪٿي پيءُ جي دل روئي رھي ھئي، پر انا وڏيڪ زور واري ھئي
”.
.ان رات عابد کي ننڊ نہ آئي
:عابد آسمان ڏانھن نھاريندي ڪجھ ڳالھايو
.اي خدا... جيڪڏھن منھنجي محبت سچي آھي تہ سيما کي طاقت ڏي“
۽ جيڪڏھن اسان جو گڏ ٿيڻ نصيب ۾ ناھي
تہ پوءِ منھنجي جسم مان جيڪر ساھ جي تند بہ ٽوڙي ڇڏ.
.اکين مان ڳوڙھا وھندا رھيا
.ھر ڳوڙھو ڄڻ ھڪ خواب جو جنازو ھو

سيما پنهنجي هٿن جي مهندي ڌوئڻ جي ڪوشش ڪئي.
پر رنگ تہ هٿن تي هو
درد تہ روح ۾ هو.
هي اهو درد هيو جيڪا سيما هر وقت ان درد سان جڙيل هئي
هي اهو درد هيو جيڪا سيما عابد جي جدائي ۾ ڏنو
هي اها درد هئي جيڪا شايد سدائين گڏ رهندي..

سيما دريءَ مان آسمان ڏانهن ڏسي چيو:
عابد... جيڪڏهن مان ڪنهن ٻي جي ٿي ويس،“
”تہ بہ منهنجو روح تنهنجو رهندو
ساڳئي وقت جيل ۾ عابد بہ چنڊ ڏانهن ڏسي رهيو هو.
چنڊ ساڳيو هو.
درد ساڳيو هو.
پر قسمت ٻنهي کان جدا هئي
رات وڏي هئي.
جيل جي ڀتين اندر خاموشي هئي، پر عابد جي دل ۾ طوفان.
هن کي اڄ خبر پئي هئي تہ سيما جو نڪاح ٻن ڏينهن بعد آهي.
هي ٻہ ڏينهن سندس زندگي جا آخري ڏينهن لڳي رهيا هئا.

عابد لوهي سيخن کي مضبوطي سان پڪڙيو.
هٿن ۾ زخم تازا ٿي ويا، پر هن کي درد جو احساس بہ نہ ٿيو.
عابد پاڻ سان ڳالهايو:
”جيڪڏهن مان اڄ نہ نڪتس، تہ سيما هميشہ لاءِ وڃائجي ويندي
محبت قيد ۾ نہ مرڻ گهرجي.“
هڪ پوڙهو قيدي، جنهن عابد جي اکين ۾ سچو درد ڏٺو هو، ۽ آهستي چيائين:
”پٽ... اڄ رات جو پوئين پٽ پرسان گشت گهٽ هوندو آهي
پر خطرو وڏو آهي.“
عابد وراڻيو:
” جيڪو پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي وينو هجي، ان لاءِ خطري جو ڇا مطلب“
رات جو هڪ وڳي، جڏهن گشت ڪندڙ سپاهي ٿڪجي ويهي رهيا هئا، پوڙهي قيدي پنهنجي تجربي سان جيل جي روشن دان کان ڪڍيو. ۽ لڪندو لڪندو ..
عابد پٽ پرسان پهتو.
هن ڪمزور حصي مان چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي.

پيار جو خط

هتن مان رت وهي رهيو هو، پر سندس ذهن ۾ فقط سيما جو چهرو نظر اچي رهيو هو
هو پٽ جي مٿان پهتو ئي هو
تہ اوچتو پنيان آواز آيو:
"!بيهہ! نہ تہ گولي هڻنداسين
.هڪ پل لاءِ وقت بيهي ويو
.عابد ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي
.هڪ تيز ڌماڪو ٿيو
.گوليءَ جو آواز رات جي خاموشي چيري ويو
.عابد پٽ تان هيٺ ڪري پيو
.سينو زخمي... ساهہ ٽٽندڙ
.سپاهي ڊوڙي آيا
.عابد زمين تي پيو هو، اکين ۾ اڃا بہ سيما جو نالو
عابد آخري همت سان پاڻ سان ڳالهايو
:
"...سيما... مون وعدو نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي"
.حويلي ۾ سيما نڪاح جي تيارين ۾ قيد هئي
.اوچتو سندس دل بي چين ٿي وئي.

پيار جو خط

سيما ساهه کڻندي چيو:

عابد... توکي چا ٿيو آهي.“

”منهنجي دل چو ڏکي رهي آهي

هن دريءَ مان آسمان ڏانهن ڏٺو.

چنڊ اڄ اداس هو.

عابد کي زخمي حالت ۾ واپس حوالات ۾ وڌو ويو.

زندگي ۽ موت جي وچ ۾ لڏندڙ.

محبت پڄڻ جي ڪوشش ڪئي

پر زنجيرون مضبوط هيون.

نڪاح ٿي چڪو هو.

گهر گلن سان سينگاريل هو، عورتن جي کل، مبارڪن جا آواز

پر سيما جي دل اندر خاموش ماتم هو.

رات جڏهن سڀ رسمون ختم ٿي ويون،

سيما کي ڪمري ۾ ويهاريو ويو.

هٿن تي مهندي، چهري تي نقاب جهڙي خاموشي.

سليم آهستي ڪمري ۾ داخل ٿيو.

هن دروازو بند ڪيو، پر سندس قدم ڳرا هئا.

سليم ڪجهه فاصلي تي بيهي رهيو.

پيار جو خط

سيما ڪنڌ جهڪائي ويٺي هئي.
چند لمحا خاموش رهيو.
آخر سيما ڏکيندڙڻ آواز ۾ چيو:
”سليم صاحب... مهرباني ڪري ويجهو نہ اچو“
سليم ڇرڻ سُن ٿيو.
”ڇا مطلب“؟
سيما اکيون کڻي ڏنيون ..
ڳوڙها پريل، پر آواز ۾ سچ:
مان توهان جي عزت ڪريان ٿي“
پر مان توهان جي نہ آهيان.
”مان عابد جي امانت آهيان.
اهي لفظ هوا ۾ ڇڻ تير بڻجي ٽنگجي ويا.
سليم جو چهرو ڦڪو ٿي ويو.
سيما... هاڻي تون منهنجي زال آهين“
”نڪاح ٿي چڪو آهي.
سيما ڪنڌ لوڏي روئندي چيو:
نڪاح جسم جو هوندو آهي“
دل جو نہ؟.

منهنجي دل اجا بہ اتي آهي
جتي عابد زخمي پيو آ
"مان توهان سان ڪوڙ نہ ٿي ڳالهائي سگهان.
سيما پنهنجي هٿن جي مهندي ڏسي چيو:
"هي رنگ بہ مون کي قيد لڳي ٿو.
هر رات جڏهن اوهان ويجهو ايندا، مون کي لڳندو مان پنهنجي محبت
سان غداري ڪري رهي آهيان."
سليم ڪرسي تي ويهي رهيو.
هو ناراض ٿي سگهي پيو، حق جتائي سگهي پيو
پر هن جي سامهون هڪ ٽٽل ڇوڪري ويٺي هئي.
هن آهستي پڇيو:
"ڇا تون ڪڏهن بہ مون کي قبول نہ ڪري سگهندين.."
سيما جي آواز ۾ اهڙو درد هو جو پٿيون بہ روئي پون:
" جيڪڏهن مان توهان کي قبول ڪريان ٿي، تہ مان پاڻ کي وڃائي
ويهندس.
۽ جنهن ڇوڪري پاڻ کي وڃائي ڇڏيو،
"اها ڪنهن جي بہ نہ رهي.
سيما روئندي چيو:

پيار جو خط

مان توهان سان ظلم نہ ٿي ڪرڻ چاهيان“.
انهيءَ لاءِ سچ چوان ٿي.
مان عابد جي امانت آهيان
۽ امانت واپس ڪئي ويندي آهي.”
ڪمري ۾ ڏکهي خاموشي ڇانئجي وئي.
سليم جون اکيون پرجي ويون،
سليم آهستي اٿيو ۽ دروازي ڏانهن وڌيو.
دروازي وٽ بيهي چيائين:
سيما... اڄ تون مون کي هارائي ڇڏيو“.
پر شايد تون پاڻ کي بہ ساڙي رهي آهين.؟”
دروازو بند ٿيو.
سيما اڪيلي هئي.
۽ هوءَ سجدي ۾ ڪري پئي،
روئندي چيائين:
اي خدا... مان ڪنهن جو حق نہ مارڻ چاهيان ٿي“.
پر منهنجي دل منهنجي هٿ ۾ ڇو نہ آهي.؟”
رات ڏکهي هئي.
۽ سيما جي اکين ۾ ننڊ نہ، صرف پڇتاءُ، خوف ۽ بي پناهہ محبت هئي

نڪاح کي ٽي ڏينهن گذري چڪا هئا.
حويلي خاموش هئي. سيما جي ڪمري مان نہ ڪلڻ جو آواز، نہ ساز جو.
وڏيرو اڪيلو آڳر ۾ وينو هو.
رات جو هن کي ڌيءَ جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي هئي.
”بابا... مون کي ڇو زنده دفن ڪيو ٿي“
اهي لفظ سندس ڪنن ۾ وڄندا رهيا.
پهريون ڀيرو هن پاڻ کان سوال ڪيو:
”ڇا مان عزت بچائي يا ڌيءَ وڃائي“؟
ٻئي ڏينهن صبح سوير،
وڏيرو جيل پهتو.
لوهي دروازن جي ٻاهران بيهي رهيو.
جيلر ڪيس سڃاڻي عزت سان اندر وٺي ويو.
هڪ ڪمزور، زخمي نوجوان سيخن پٺيان وينو هو.
عابد.
هن جي ڇهري تي زخم، پر اکين ۾ اڃا بہ ساڳيو ئي نالو سيما هو.
وڏيرو ڪجهہ گهڙيون خاموش بيٺو رهيو.
پوءِ ڏکهو ساهہ کڻي چيائين:
”...عابد“

عابد مٿي ڏٺو.
اکين ۾ نفرت نہ هئي،
فقط هڪ ٽڪ.
توهان ڇو آيا آهيو."؟
"ڇا اڃا ڪا سزا رهجي وئي آهي.؟
اهي لفظ وڏيري جي دل تي لڳا.
وڏيري آهستي چيو:
"سيما جو نڪاح ٿي ويو آهي"
عابد جو چهرو اڇو ٿي ويو.
هن ڪنڌ جهڪائي فقط ايترو چيو:
"مان دعا ڪندس هوءَ خوش رهي"

پر.
وڏيرو پر ڇا..؟
عابد: منهنجي دعا آهي هو خوش رهي پر ڇا هو خوش رهندي ...... ؟
هڪ درديلو سوال...
وڏيرو حيران ٿي ويو.
هن کي يقين هيو تہ عابد وڙهندو، الزام ڏيندو.
پر هن رڳو ڏيءَ جي خوشي جي دعا ڪئي.

۽ انا جي شڪست..
.وڏيري جون اکيون پرجي ويون
.مون سمجهيو هو تون منهنجي عزت لٽڻ آيو آهين“؟
پر تون تہ پنهنجي جان بہ ڏيڻ لاءِ تيار هئي.
عابد : وڏيرا سائين اسان غريب ضرور آهيون پر عزتن جا سوداگر نہ آهيون
اسان محبت ڪرڻ ڄاڻون
اسان محبت ڏيڻ ڄاڻو ۽ ونڻ ڄاڻو.
اسان ڪڏهن ڪنهن جي تذليل نہ ڪئي آ.
اسان ڪنهن جي ننگن جي رسوائي نہ ڪئي آ.
مون سيما سان پاڪ پيار ڪيو منهنجي دل ۾ حوس نہ هئي نہ ئي منهنجي محبت ڪمزور هئي مان سيما کي چاهيان پيو چاهيان ٿو ۽ پيو چاهيندس.
سيما جو نالو منهنجي هن دل تان تڏهن متبو جڏهن هن جسم کان روح الڳ ٿي وڃي ۽ هي جسم پوء بہ اهيا گواهي ضرور ڏيندو تہ منهنجو پيار سچو هو.
پر ها هڪ ڳالهہ ٻڌ ..
سيما جي شادي ٿي چڪي آ پر منهنجي دل هن کي دعا ڏيندي پر ..

پيار جو خط

وڏيرو: پر ڇا ....؟
عابد: ڇا هو مون کي پنهنجي دل مان ڪڍي سگهندي..؟

بلڪل نہ هو مون کي ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي ..

ياد رک وڏيرا سائين توهان پنهجي ڌيء کي جيئرو دوزخ جي آڙاهہ ۾ هر وقت مرڻ لاء ۽ پنهنجي انا کي برقرار رکڻ لاء سيما کي تباہ ڪيو.
اهي لفظ وڏيري کي گهرائي سان لڳا.
وڏيرو ڪجھ وقت خاموش رهيو.
: پوءِ وڏيرو جيلر ڏانهن موٽي ويو ۽ چيائين
هن کي آزاد ڪيو".
"مان ڪيس واپس وٺان ٿو.
عابد حيران ٿي مٿي ڏٺو.
هاڻي آزاد آهين".
پر ياد رک
"منهنجي ڌيءَ هاڻي ڪنهن ٻي جي زال آهي.
اهي لفظ ڄڻ آخري وار هئا.
آزاد

پر تتل
جيل جو دروازو کليو.
عابد ٻاهر نڪتو.
آسمان ڪليل هو، پر دل قيد.
عابد آسمان ڏانهن ڏسي پاڻ سان ڳالهايو :
آزادي ملي وئي“
”پر جنهن لاءِ وڙهيو هئم، اها تہ هاڻي منهنجي ناهي.
وڏيرو گاڏي ۾ ويهي رهيو.
هن پنتي ڏنو .
عابد اڪيلي رستي تي بيٺو هو.
پهريون ڀيرو هن کي پنهنجي طاقت ننڍي لڳي.
وڏيري پاڻ کي چيو:
جيڪڏهن مون کي اڳي رحم اچي ها“
”تہ شايد اڄ تي زندگيون نہ ٽٽن ها؟
ڪارونجهر جي هوا ۾ پري ڪان واري جي ڀٽن تان هوائن ۾ هلڪي مٽي
اڏامي رهي هئي.
جي آسمان هيٺ، سيما کي اوچتو بي چيني محسوس ٿي (Mithi) ۽ مٺي
سيما آهستي چيو:

عابد... تون آزاد ٿي ويو آهين ڇا..“؟
”پر اسان جي قسمت ڇو اجا قيد آهي.؟
رات جي ڏکهي خاموشي کان پوءِ، سليم آخرڪار سيما سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو.
هو ڪمري ۾ آيو.
سيما دريءَ وٽ ويٺي هئي، اکين ۾ اجا بہ اڻ سُتل ڳوڙها.
سليم نرم آواز ۾ چيو:
سيما... اسان جو اصل گهر هتي ڪراچي ۾ ناهي“
Karoonjhar Mountains ...پرسان (Mithi)اسان جو ڳوٺ مٺي ۾ آهي،
ڪارونجهر جبل جي پاڙ ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ ’ڀِدي‘.“آهي اتي اسان جو گهر آهي..
ڇو نہ اتي هلي رهجي .
شايد تون ڪجھ يادون پراڻيون وساري ويهين.
سيما حيران ٿي هن ڏانهن ڏٺو.
سليم آهستي ڳالهائيندو رهيو:
اتي هوا مختلف آهي“
ماڻهو سادا آهن

شايد شهر جي ديوارن ڪان پري وڃي، تنهنجي دل جو درد ٿورو گهٽجي وڃي.؟

شايد تون مون کي قبول ڪري.؟

”جي نہ ت پر مان چاهيان ٿو تون گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي تہ ڳولي وٺين.

سيما جي دل ۾ اوچتو ڪا لهر اٿي.

”...ڪارونجهر“

هن آهستي پاڻ سان ڳالھ ڪئي.

ڪارونجهر جو نالو ٻڌندي ئي هن کي پراڻا ڏينهن ياد اچي ويا

...مٿي جي پٿن تي هلڻ، ريگستاني هوا، ۽ بانسريءَ جي مدهم ڌن

سيما جي نظر آڏو ڪارونجهر مٿي ۾ گڏ گذاريل ڏينهن اهو هر منظر .. هر ملاقاتون..

هر جوش جذبا ڄڻ تازا ٿي ويا هجن.

سيما اوچتو بيهي وئي.

”...مان اتي هلنديس“

مان ڪارونجهر هلنديس....

سندس آواز ۾ پهريون ڀيرو هلڪو ساهہ هو.

...جتي پيار مليو هو“

سيما پاڻ سان ڳالهايو اتي وڃڻ سان شايد منهنجي روح کي سڪون ملي

اکين مان خوشي جي ڳوڙا ڪريا...
.سليم هن جي چهري تي آيل هلڪي مسڪراهٽ ڏسي حيران ٿيو"
هن کي احساس ٿيو
.هي مسڪراهٽ هن لاءِ نہ هئي
هي مسڪراهٽ سيما کي عابد سان گڏ گذاريل يادن جون هيون سيما (
اهو محسوس ڪيو پيار منهنجو سچو آهي تڏهن تہ الله جو فيصلو بہ
(اهو آهي تہ مان واپس پنهنجي محبوب ڏي وڃان
ڪارونجهر جي شام
.ڪجھ ڏينهن کان پوءِ، هو مٺي پهتا
جي سادي گهٽين، مٺيءَ جي گهرن ۽ معصوم چهرن سيما (Mithi) مٺي
.جي دل کي ٿورو نرم ڪيو
شام جو هوءَ اڪيلي ڪارونجهر جي پرسان هڪ ٽيپي تي وڻ جي ڇانو ۾
ويٺي هئي...
هي اهو وڻ هيو جتي سيما ۽ عابد ڪلاڪن جاڪلاڪ ويهي ڪچهريون
ڪندا هئا ۽ پيار جا ڳيت ڳائيندا هئا.
.۽ ان وڻ جي ڇانو ڏکهي ٿيندي پئي وئي
پر عابد نہ پهتو ..
سيما شايد عابد کي منهنجي خبر نہ هوندي .؟

.اوچتو پري کان بانسريءَ جي آواز هوا ۾ ترڻ لڳي
.سيما جو ساهه اٽڪي ويو
...اها ڌن
...اها تہ عابد وڄائيندو هو
.هوءَ بي اختيار اٿي ۽ آواز ڏانهن وڌي
.هر قدم سان سندس دل ڌڙڪڻ لڳي
.پري هڪ ڇوڪرو بيٺو هو، بانسري وڄائيندو
.سج لهڻ جي روشني سندس چهري تي پئي هئي
"عابد...!"
.سيما جي لبن تان بي اختيار نالو نڪري ويو
...هوءَ ڊوڙي اڳتي وڌي
.پر جڏهن ويجهو پهتي تہ چهرو مختلف هو
.اجنبي ڇوڪرو حيران ٿي هن ڏانهن ڏٺو
.سيما جا قدم ڄڻ زمين ۾ کُپي ويا
.اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا
"...تون... عابد نہ آهين"؟
.سندس آواز ٽٽي ويو
بانسريءَ جي ڌن اڃا بہ هلڪي هلندي رهي،

.پر هاڻي اها ڏن سڪون نہ صرف زخم ڪولي رهي هئي
.سليم ٿورو پري بيٺو اهو منظر ڏسي رهيو هو
هن ڏٺو...
.سيما ڪنهن ٻئي ڪي سڏي رهي هئي
.ڪنهن ٻئي لاءِ روئي رهي هئي
.ڪنهن ٻئي جي آواز تي ڊوڙي وئي هئي
.هن جي دل ۾ چُڀن ٿي
:سليم آهستي پاڻ ڪي چيو
سيما ڪي ايترو پري ڪان بانسري جو ڏن ٻڌڻ ۾تو اچي باقي منهنجا
جذبات هن جي اڳيان ڪا حيثيت ئي نٿا رکن.؟
ڪير آهي اهو عابد...؟
جيڪو ايتري دل سان هن جي دل ۾ جڳهه ناهي چڏيو اٿس .
پر منهنجي ڪوشش شايد هن ڪي مون ڏانهن واپس آڻي .

شايد پهرين مون ڪي خبر هجي ها تہ سيما مون سان راضي ناهي تہ مان
هي شادي ڪيان نہ ها .؟
پر سيما محبت ڪندڙ آهي.
مان هاڻي سيما ڪي وڃائڻ نٿو چاهيان ..

پيار جو خط

”شايد مان هن جي زندگي ۾ صرف هڪ رستو آهيان... منزل نہ“
سيما زمين تي ويهي روئي رهي هئي.
...ڪارونجھر“
تو تہ اسان جا راز ڏنا هئا
تون ئي ٻڌاءِ محبت ايتري ڪمزور ڇو نڪتي.؟
”جو وقت اڳيان هارائي ويئي.؟
هوا هلڪي ٿي.
جبل خاموش رهيا.
بانسريءَ جو آواز آهستي آهستي بند ٿي ويو.
۽ سيما کي پيهر احساس ٿيو .
يادون جيئريون هونديون آهن،
...پر ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن رڳو ياد بڻجي ويندا آهن

„ٻئي ڏينهن تي„
سيما: وڏيرا ٻڌو مون کي پوڏيسر وجڻو آ!
وڏيرو: پوڏيسر ڇو.؟!
سيما: دل چيو آهي پوڏيسر ڏي وڃڻ لاءِ.
وڏيرو نيڪ آهي جيپ تيار ٿو ڪرايان ..

سيما پاڻ سان ڳالهائي پئي.تہ
سيما اڪثر عابد مون کي چوندو هو تہ هو پوڊيسر مندر ۾ پوڊيسر جي لوڻ واري تلاء کي شوق سان گهمڻ ايندو آهيان.
مون جڏهن پڇيو تہ ڇا هتي کهڙي اهڙي خاص ڳالھ آهي
عابد مون کي چيو هو هن جاء کان مون کي اهڙي محبت ٿي وئي آهي جو مان جڏهن بہ ايندو آهيان تہ هتي ضرور ايندو آهيان.

هي اها جڳھ آهي جتي پوڊيسر جي جبلن کان برساتن کان وهي ايندڙ پاڻي ۾ هي جيڪي ڪجھ ٽڪرا آهن انهن جي رستن کان هي پاڻي هتان جي ماڻهن لاء روزگار جو سبب هوندو آهي ..
سيما : پر هي تلاء تہ خالي آهي..؟
عابد : ها پر جڏهن مينهن وسندو آهي تہ هي تلاء پرجي ويندو آهي ۾ هتي هن پاڻي سان هتي هر روز 10 کان 15 ڏينهن تائين لوڻ جو تھ جمع ٿي ويندو آهي ۾ هتان جا ماڻهون ان لوڻ کي کوٽي گڏ ڪري پنهنجي روز گار جو ذريعو بڻائن ٿا. ۾ مان بہ هتي ڪم ڪندو آهيان هاڻي مينهن وسندا پاڻي ايندو تہ ڏاڍو مزو ايندو..
سيما شايد عابد اتي هجي!
ڊرائيور : جي جيپ تيار آ

پيار جو خط

سيما جيپ ۾ ويهي رواني.
وڏيرو سليم اچانڪ سيما اوڏانهن چو وئي.
ڊرائيور گاڏي تيار ڪيو ۽ هلو هن جيپ جي پويان..
سيما پوڊيسر جي جاء تي پهچي ٿي.
هو ان مندر وٽ ايندو..
پر عابد عابد تہ هتي نظر ئي نٿو اچي.
هي چرين وانگي عابد کي ڳولهي ٿي ۽ مندر تي ويهي ڪجھ شعر پڙهي ٿي...

مسجد مندر گرجا ويهي واچو سين،
من جا ميڻ ڏسڻ ۾ ايندڙ ميرا نڪري پيا
مايوسي جي ميڙن ۾ دل ويهي ووڙ ڪئي،
ڏسندي ڏسندي اميدن جا رستا نڪري پيا
پنهنجي بربادين جا ڪاتا ڪيڏي مهل ڪياء
دشمن جي ڏِڳ سان سنگت جا پيرا نڪري پيا
(عمران انجم)

۽ روئڻ ڪان پوء ڪجھ ساز وڳا سيما
ڪنڌ مٿي ڪري
بانسري جي ڌن ٻڌي

سيما مندر کان هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳي.
عابد عابد شايد عابد هوندو.
جلدي جلدي مندر کان لهندي ڊوڙندي ندي وٽ پهچي ٿي..
!سيما: عابد ! عابد مان اچي وئي آهيان عابد
عابد ٻانهون کولي ٿو.
۽ سيما وهندڙ اکين سان روئيندي پنهنجي ڀاکر ۾ وجهي ٿي...
هي اهو ڀاکر هئي جنهن ۾ ڪيترن ئي ڏينهن جي جدائي هئي .
هي اهو ڀاکر آ جنهن ۾ سک جو آسيس پريل هيو.
هن ڀاکر ۾ وقت جون جدايون هر ڏک ۽ زخم جيڪا هن جي پيار ڪي مليون .
اهي سڀ ڏک ۽ هڪبئي کان جدائي جون وري نہ جدا ٿيڻ جو قسم کڻي رهيون هيون.
وڏيرو سليم منظر تي پهتو هن سيما کي عابد جي ٻانهن ۾ ڏٺو ۽ رڙ ڪري للڪار ڪيائين ...
اڙي تنهنجي ايتري همت جو تون منهنجي عزت سان مذاق ڪئي..
هن سيما کي عابد جي ٻانهن کان ڇڏائڻ لاء ڇيو.
عابد : سيما کي پاڻ کان وري جدا نہ پيو ڪرڻ چاهي .

پيار جو خط

پوڊيسر جي وڻ هيٺ عابد ۽ڏل ويٺو هو، ۽ سيما جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا.
وڏيرو سليم جي چهري تي اڃا به ڪاوڙ جا نشان هئا، پر اوچتو سندس نظر سيما جي سسڪين تي پئي.
ڪارونجهر جي هوائن ۾ عجيب خاموشي هئي. ڪارونجهر جبل جا پٿر ڄڻ صديون پراڻي دانائي سان ڏسي رهيا هئا.
سيما رڙ ڪندي چيو:
"وڏيرا، پيار ڏوهه ناهي... مون عابد کي دل سان چاهيو آهي"
عابد زخمي آواز ۾ وراڻيو:
"سزا ڏيڻي آهي ته مون کي ڏي، پر سيما کي آزاد ڪر"
عابد چيو: وڏيرا سائين توهان پلي ڪٽي ڇا به ڪيو مان ۽ سيما هڪ ٻئي لاء آهيون اسان کي الله پاڪ ٻن انساني جسمن ۾ ڏاهيو آ پر روح ساهه هڪ آهي.
توهان ڪڏهن به سيما کي مونکان جدا نٿا ڪري سگهو.
جي جدا ڪيو به ٿا ته سيما ڇا مون ڪان ڏار تي زنده رهي سگهندي.
عابد : وڏيرا سائين توهان شايد محبت کي سمجهي نه سگهيا آهيو ته محبت ڇا هوندي آ؟!
اسان درد سان دوستي رکي آ.

پيار جو خط

درد اهو احساس آهي جيڪو دل کي ٽوڙي بہ ٿو، پر انسان کي سنواري بہ ٿو.

درد جدائي جو هجي، بي وفائي جو هجي يا حالتن جو اهو انسان کي اندر کان بدلائي ڇڏي ٿو.

درد ۾ اکين جا ڳوڙها بہ ڳالهائين ٿا، ۽ خاموشي بہ آواز بڻجي وڃي ٿي

درد انسان کي

پنهنجي احساسن سان آشنا ڪري ٿو.

! اسان پنهنجي زندگي ۽ ساه جي تشنگي رکي آ

اسان سيما جي اڳيان دل رکي ڇڏي.

سيما جي لاء هي دل جي تون چاهين تہ سيما جي هڪ لفظ ۾ گپا گپا ڪري ڏيان..

منهنجي اکين جي لڙڪن ۾ سيما ملنديئي.

عشق الله خد پاڻ ڪيو آ اهو رب بہ عاشق بڻيو آ!

عشق رڳو ڪنهن کي پسند ڪرڻ جو نالو ناهي،

عشق اهو احساس آهي جيڪو دل جي گهراين ۾ جڙي وڃي ٿو.

عشق ۾ انسان پنهنجي خوشي کان اڳ ٻئي جي خوشي کي ڏسي ٿو، پنهنجي تڪليف بہ قبول ڪري وني ٿو پر محبوب کي ڏک ۾ نہ ڏسي سگهي.

عشق وفا، قرباني، سچائي ۽ صبر جو ٻيو نالو آهي.
عشق ۾ انا نہ هوندي آهي، رڳو دل جي سچائي هوندي آهي.
عابد شعر پڙهندي:
عيش عشر آسيب اڌورا درهم برهم
آنڌي مانڌي عشق اجورا درهم برهم
اندر مان احساس جلاوطني ڪاٽن
درد بنا انسان سمورا درهم برهم
سڪ جي سوليءِ تي صدين کان روح رڙيون
دل جي دنيا ۾ سو ڪورا درهم برهم
(عمران انجم)
اهي لفظ ۽ عابد جو شعر مطلب ٻنهي طرفن ڪان سليم جي دل ۾ تير وانگر لڳا.
هن کي پنهنجي جواني ياد آئي،
جڏهن هو بہ ڪنهن کي چاهيندو هو پر رسم ۽ غرور هن کان سڀ ڪجھ کسي ورتو هو.
سندس اکين ۾ سختي نرم ٿيڻ لڳي.
ڪجھ پلن جي خاموشي کان پوءِ سليم آهستي چيو:
"محبت زور سان نٿي ڪٿي سگهجي."

.هن پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڪيو. ”مان توکي آزاد ڪريان ٿو
.سليم : عابد واقعي ئي محبت زبردستي سان نٿي ملي
.عابد کي ڪوليو ويو
.سيما ڊوڙي اچي عابد سان لڳي وئي
:سليم ڳوناڻن اڳيان اعلان ڪيو
.اڄ کان سيما آزاد آهي“
.مان هن کي طلاق ڏيان ٿو
”.محبت کي قيد ڪرڻ اسان جي روايت نہ هجڻ گهرجي
.سڀ حيران ٿي ويا
.پر سليم جي آواز ۾ هاڻي ڪاوڙ نہ، پر سڪون هو
جيڪڏهن اوهان جو پيار سچو آهي، تہ مان پاڻ اوهان کي گڏ ڪندس. “
شادي ڪرائيندس.
پوڏيسر جي تلائن پرسان، ڪارونجهر جي پٿرن جي گواهي ۾، سليم
.پنهنجي هٿن سان عابد ۽ سيما جا هٿ هڪ ٻئي ۾ ڏنا
.هوا ۾ نئون احساس هو ڄڻ ريگستان ۾ بهار اچي وئي هجي
...۽ ائين، سچي محبت پنهنجي آزمائش ڪٽي ورتي
ڪارونجهر جي سيني ۾ هڪ نئين ڪهاڻي لکجي وئي .
...اسان جي محبت کي گهڻيون آزمائشون مليون

عابد شبير سندي

پيار جو خط

”پر اڄ محسوس ٿو ٿئي تہ هر زخم جو اجر ملي ويو.
پري بيٺل سليم هڪ نظر ڪٽي موٽي ويو.
هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، پر دل ۾ سڪون.
ڪڏهن ڪڏهن سڀ کان وڏي فتح اها هوندي آهي،
جڏهن انسان پنهنجي خواهش هارائي ڪنهن ٻئي جي خوشي بچائي.
...۽ ان ڏينهن محبت صرف عابد ۽ سيما جي نہ رهي
...پر سليم جي قرباني بہ ان کي پاڪ بڻائي ڇڏيو

(ختم)